سڪ روحاني سامين جسمي جاهل
پيهي پيئي من پارس پس ڪيهڪي
(خواجه محمد زمان)

آواز حق

١

Junejo Sain Bux Qabobla
PRESIDENT
Hazrat Sultan-ul-Auliya
Academy Dokri Distt Badin

لکندڙ ۽ ڇپائيندڙ

شوڪت علي: شوڪت

انصاف پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

شوڪت علي

1956-57

پيش لفظ

ڪافي عرصي کان سنڌ اندر مصنوعي حج جي نالي ۾ لواري شريف جي درگاه خلاف پروپيگنڊا ڪري، عام مسلمانن جي دلين کي مجروح ڪندي سنڌ ۾ جذبات کي اڀاري ۽ پڻ ڪافي فرقه پرستيءَ کان ڪم وٺي مسلم قوم جي ايڪي ۽ اتحاد کي ٽوڙيو پي ويو آهي. راقم الحروف زندگيءَ جو ڪافي عرصو سياسي ۽ سماجي ڪارڪن جي حيثيت ۾ گذاريو آهي. موجوده وقت ۾ هڪ دعوري ساڳي چڪتاڻ کي ڏسي سوال اٿي ٿو ته جڏهن درگاه جي سجاده نشين صاحب خواه سنڌ جي معتقدن طرفان وقت بوقت ان الزام عظيم جي نه رڳو ترديد ڪئي وئي ٿي پر ساڳئي وقت ان خلاف شديد اعتراض پڻ پيش ڪيو ويو ۽ خود ڪورٽ جي فيصلي ۾ هي لفظ موجود آهن ته ".... اتي شريعت ۽ سنت خلاف ڪا به رسم ادا ڪئي نه ٿي وڃي......" تڏهن هن سموري مخالفت جو اصلي ۽ سچو سبب ڪهڙو آهي؟ مون ذاتي طور تي سچي مسئلي جو گهرو مطالع ڪيو آهي. مونکي الهن الزامن ۽ بهتانن جي پس پرده ذاتي حسد، بغض، عداوت ۽ سياسي سردي بازيءَ ڪارفرما

اهو ڪجهه به نظر نه آيو. درحقيقت چند مولوي صاحبان جي مخالفت خلافت هلچل جي وقت کان وٺي شروع ٿي جڏهن درگاه شريف جي سجاده نشين صاحب سياست کان دور رهڻ خاطر (جيئن ان درگاه جو دستور آهي) ڪين ڪنهن به قسم جي مدد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ هنن درگاه شريف کي خواه مخواه بدنام ڪرڻ لاءِ موقعي ۽ محل جا متلاشي رهيا جو ڪين ١٩٣٨ع ۾ ڪانگريس وزارت جي ڏينهن ۾ بخوبي حاصل ٿيو موجوده وقت ۾ موجوده سجاده نشين صاحب جي چند قريبي رشتيدارن جي گادي ۽ ملڪيت تي حريصانه نگاهه سموري ڪشمڪش جو باعث آهي جن جي پٺ ڀرائي ڪندڙ مير غلام علي ٽالپر آهي جو درپرده سياسي ۽ ذاتي مقاصد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. اميد آهي ته جلد از جلد مير، پير حسن بخش، پير محمد محفوظ ۽ ڪمپنيءَ جا ڪارناما هن بعد شايع ڪرائيندس تاڪ عوام کي خبر پئي ته ان مخالفت ۾ ڪهڙو راز پوشيده آهي. هت مٿي جا ڪائيل الزامن جون سچيون سچيون حقيقتون پيش ڪجن ٿيون اميد ٿو ڪريان ته درگاه شريف خلاف پيدا ٿيل غلط فهميون هن جي پڙهڻ سان دور ٿي وينديون.

خادم القوم

"شوڪت" شوڪت علي

درگاهه لواري شريف متعلق

عام اعلان

درگاهه لواري شريف تي ٩-١٠ ذوالحج جو جيڪو اجتماع گذريل ٻن سو سالن کان ٿيندو آهي، ان متعلق ١٩٣٨ع ۾ سياسي بناءَ تي ڪانگريسي علمائن غلط ۽ ڪوڙا الزام لڳايا هئا. ته لواري شريف ۾ حج بيت الله جون رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون. ڪانگريسي حڪومت سنه ٣٦ع ۾ جڏهن طاقت ۾ آئي. تڏهن مٿين اجتماع کي "حج لواري" جو نالو ڏيئي ان تي بندش وجهي ويئي. لفظ "حج لواري" خود مخالفين جو ايجاد ڪيل آهي.

اسان بار بار هر وقت اخبارن، اشتهارن، پمفليٽن ۽ پوسٽرن ذريعي عام مسلمان ڀائرن کي آگاهه پئي ڪيو آهي. ته مٿيان الزام غلط ۽ بي بنياد آهن. جن جي تصديق ڪورٽ طرفان ٿيل آهي اسان جو حج بيت الله ۾ پورو پورو ايمان آهي. اسان جو هي ايمان آهي. ته حج مڪي شريف ۾ ٿئي ٿو. منهنجي والد بزرگوار حضرت پير حاجي احمد زمان قدس سره جنهن

جي وقت ۾ مخالفين هي فتنو کڙو ڪيو هو. تني
ڏهه حج بيت الله جا ادا ڪيا هئا. ۽ سندن والد
بزرگوار قدس سره ۽ سندن جد امجد قدس سره
ڇهه ڇهه ڀيرا حج بيت الله کان مشرف ٿي الهيءَ
پاڪ سرزمين تي ابد تائين آرام فرما آهن.

درگاه لواري شريف تي ۹-۱۰ ذوالحج
جي اجتماع ۾ وار مبارڪ رسول الله صلي الله
عليه وسلم جي زيارت، نماز، تلاوت قرآن مجيد
قصائد خواني ۽ تسبيح و تهليل اڳي ٿي. ان کان
سواءِ ڪو به ڪم خلاف شريعت و طريقت نه ٿيو
آهي ۽ نه ٿيندو آهي. اهڙا اجتماع ۹-۱۰ ذوالحج
جي ڏينهن ۾ سنڌ ۽ باهر گهڻن ئي درگاهن ۽
مشهور جڳهن تي ٿيندا رهن ٿا.

اسان عام مسلمان زائرن ۾ اميد ٿا رکون ته
هو واضح اعلان ڪالپوءِ مخالفين درگاه لواري
شريف جي ڪوڙن الزامن ۽ بهتانن تي هرگز
اعتبار نه ڪندا.   وما علينا الا البلاغ المبين.

پير گل حسن صديقي
سجاده نشين درگاه لواري شريف

Scanned by CamScanner

جنهن جي اسم ساڻ جنهن جي وسيلي سان
الهان مري ڪانگ، ظلم ڪون ڪافر جي
(خواجه محمد زمان)

"آواز حق"

حيدرآباد ضلع جي ڏکڻ طرف بدين شهر کان
٨ ميل دور هڪ ننڍائي جي ڪوشي ۾ مشهور ۽
معروف درگاه لواري شريف جي عاليشان آهي
جتي صدها سالن کان ٩ - ١٠ ذوالحج جوڙي
متبرڪ موقعي تي ڇلاوس - قرآن مجيد ۽ فرقان
حميد، نماز، قصائد خواني، زيارت موءِ مبارڪ
رسول - خدا محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله
عليه وسلم جن جي ٿيندي آهي - عرصي دراز کان
هڪ وسيع طرح ان مبارڪ اجتماع تي بدعتن
عائد ٿي ڪئي ويئي آهي جا ڪاڻ ان بدعتن
ٿورڻ کان اڳ چند ڪانگريسي مولوين دروغ
بيانيءَ کان ڪم وٺي الي ڪيندڙ نيڪ ڪمن کي
"مصنوعي حج" جو نالو ڏئي هڪ شرارت
انگيز مهم هلائي هئي. جواب ان وقت کان
وٺي وڃڻدي موجوده دور تائين وقتن فوقتن
درگاه شريف جا سجاده نشين صاحب حضرات
سيدن عبدالمحمد الهي لي الدين الزمان جي طرز
ترديد ڪئي ۽ شديد اعتراض تي تنقيد ڪندا

آيا آهن جن جا مثال موجوده ڪتابن جي
شروع ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ڏيڻ لاءِ ڳڻيل ۽ اخبار
الهام ڪل جا ١١ نومبر ١٩٣٩ع، ١٥ جنوري ١٩٤٠ع،
١٣ جون ١٩٤٠ع، ١١ آگسٽ ١٩٤٠ع جا پرچا، خواه
٨ ١٩٣٨ع ۾ الوحيد اخبار ۾ انهيءَ وقت هي سجاده نشين صاحب
جو اعلان پڙهي سگهجن ٿا جن ۾ ٻئي طرح ۽ ڏاڍي
طرح ڀيٽيون ڏنيون آهن ۽ اُتي ٿيل ڪمن جي
وضاحت ڪيل آهي. ٢٢ اپريل ١٩٣٨ع ۾ زائر
صدارتي مولوي محمد شريف صاحب ٽنڊي جان
محمد ۾ ڪيل جلسي ۾ عقيدتمندن طرفان صاف
صاف ان مسئلي تي روشني وڌي وئي ۽ پنهنجا
عقائد بيان ڪيا ويا، غرض ته انهيءَ طرح اهو
سلسلو قائم رهيو ۽ موجوده وقت ۾ پڻ انهن ٻولي
جا وضاحتي بيان موجوده سجاده نشين صاحب
طرفان، خواه سيڪريٽري انجمن جماعت ٽاڃن
جناب طبيب صاحب طرفان شائع ٿيندا رهن ٿا ان
ڪري ڪوئي سالم دل ۽ دماغ رکندڙ انسان
سمجهڻ کان قاصر آهي ته جڏهن اهڙا کليل حقيقت
آهي ته ان مقدس مقام تي ڪا به غير شرعي رسم
ادا ٿئي ڪانه ٿي وڃي لنڌهن ڇو اهڙو سهارو
"مصنوعي حج" جي فرضي تهمت جي آڙ ۾ هيڏو
ڪيس بدنام ڪيو ويو؟ دنيا جي ڇپ ڇپ ۾

لکن جيئن لعل اُڏيرو درگاهه سنڌ ڪرهه جا سلطان مشهور ٿي چڪو آهي ۽ انهن جي فيض هي ملڪ ڀريل درگاهون جهڙن "درگاهه شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رحمت الله عليه" "درگاهه هل شريف" قاضي احمد ۽ ٻيون اهڙيون درگاهون اڄ ته موجود آهن جتان ڪيترائي حقيقي هدايت جا پياسا پنهنجا سڪ جي سرڪ کي فيضياب ڪن ٿا. ڪيترائي پائندار عالم، ادبي مثل مفڪر، لاجواب اديب ۽ حقيقت پسند شاعر الهي درگاهه پيدا ڪيا جهڙوڪ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو "لوارِيءَ جا لال" ڊاڪٽر دائود پوٽي جو "ابيات سنڌي"، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو "ڪليات حمل" مرحوم غلام حسين مخاليءَ جن جو "لطف التحقيق" اڄ پڻ زور شور وانگر شاهدي ڏئي رهيا آهن. شاهه عبداللطيف رحمت الله عليه جهڙو مفڪر اعظم، صاحب روحانيت به هن درگاهه تي اچي اوراليت جا جلوا ۽ جذبا پسي هميشه هميشه لاءِ چرلڏو رهيو.

"سي مون ڏٺا ماڻهو، جن ڏٺي مون کي
لهن سڌي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي"

(شاهه)

خلاف اهڙي حرڪت، بهتان ۽ بي بنياد
پوءِ اهڙي عظيم درگاهه جي
الزام لڳائڻ نه رڳو انصاف کان بعيد آهن پر
انسانيت جي نالي تي هڪ بدنما داغ پڻ آهن.
در حقيقت محض ذاتي عداوت ۽ سياسي
مقاصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ سان: مخالفين طرفان "مصنوعي
حج" جو ڍونگ ڪري عوام جي جذبات کي
ڀڙڪائي، سيدن مذهبي دس کي ڇيڙڻ کين ني
مقصد و مراد گمراهه ڪرڻ وارو آهي. در اصل
۱۹۳۸ع واري مسلم ليگ ڪانگريس وزارت،
جنهن جو مقصد ڪم هو مسلمانن جي اتحاد کي ختم
ڪرڻ ۽ سيدن شيرازي کي ٽوڙڻ، انهن ڪي
اڪيلو هي ميرامن اجتماع هڪ ڪئي واڳ
جوڙ لڳو تعجب ان بهاني چند ناڻو وٺڻ
اِي ضمير مولوين کي هٿ ڪري جماعت لواري
شريف، جنهنجو طريقو اڪثر آهي، جي خلاف
زهر اگلائڻ شروع ڪيو ڪري، پر بدنام
حقيقت کان بعيد ۽ بي بنياد "مصنوعي حج" جي
ڳالهه شروع ڪئي ۽ ڪانگريس کان ملل پئسن
جي زور تي ڪيترن ٽهرين جي دوران درگاهه
شريف کي سيد ۽ سيدن پر الزام ڪرڻ جو سانگ
رچايو. ان وقت جي سجاده نشين جناب حضرت

مرحاجي احمد الزمان قدس سره، جن مولوين
جي ان گندي حرڪت جي اززور ترديد ۽ شديد
مذمت ڪئي هئي جنهن جو اشارو مٿي ڏنو ويو
آهي. اهڙي طرح ڪانگريس جي اشاري تي
هن جي غلام مولوين ساڳي سال لواري شريف
۾ ڪانگريس جي ذليل سبق دهرائڻ لاءِ ستياگره
ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته عجب اهو آهي ته ستياگره
ڪرڻ خود درگاه تي نه مگر درگاه کان ٨ ميل دور بدين
جي شهر ۾ ڪئي وئي ڇو جو کين الله بخشو هو ته جي
درگاه تي ستياگره ڪئي وئي ته لعنت جو طوق
هوندا اهي ماڻهن سندن ڳچيءَ ۾ وجهندا جن جي
جذبات کي ڀڙڪائي هو ستياگره ڪرڻ تي آماده
ڪري آيا هئا. درگاه شريف تي اهڙي موقعي
لاءِ ڪڏهن به حج جو نقل نه ڪيو ويندو آهي نه
احرام ٻڌو آهي نه عرفات آهي نه ان ميدان نه
وري صفا ۽ مروه ئي آهي جو ڪري ڪو ڀوڙي
انڪري ان بهاني سان هنگاما جي قصي ڪارڻ جي
خوف کان بدين جي شهر ۾ درگاه شريف ڏانهن
ويندڙ معتقدن کي چند زرخريد غلامن هٿان مٿي
وسارائي، گارڙون ڏيارائي، غير قانوني ۽
غير اخلاقي حرڪتون ڪرائي انهن کي ۽
انهن ڏي ذهنيت جو مظاهره ڪيو. هن طرف

جماعت پراڻي آهي ۽ تڪليف ۽ مصيبت کي صبر
۽ خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪيو. نام نهاد
حزب الله جماعت بدران عام ملڪ جي اڳيان پنهنجي
جي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿي پئي ۽ ڪانگريس
سمجهي ته هر ڳالهه ملي ٿي ۽ سڀئي مسلمانن جي اتحاد
ٽوڙڻ ۾ ڪين اسلام ڪرڻ واري وڃائل جاءِ ۾
قال ڏسي، سندن ئي هيءَ گهرائي ۽ ئي هيءَ
جو تماشو ڏسي خنده زن ٿي. آخر ڪار ڪانگريس
۽ ڪار وقت جو ڦاٽندو ولي حڪومت جي ٿي
۾ الله بخش سومرو جي وزارت جي ذريعي ۾ ڪم
ڪانگريسي ڪارڪن هر چند اٿي ٿي ۽ زور ٿار آئي
اڄ صدين جي ڪوشش اجتماع ٿي ٿي مقصد ۽ من
ڪرڻ الزام گهڙي نام نهاد ڇپيل عائد ڪئي
جاءِ ڏيندو ته اهو هلندي اچي. سڀاڳي وقت
احتجاج ۾ مسجد منزل گاهه واڙو ملاڻو ڦٽڻ ڪري
سادي دل ۽ ايو جي عام مسلمانن جو اهو فقط خون
وهايو ويو ۽ ڪين جماعت جي چودهون اڳري الله بعد
ڪري طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون. ان
سلسلي جو ٿيون وارو حضرت پير صاحب پاڳاري
۽ سندس جماعت جي مقابلي ڪهو وڃو. ڏ فقط
پير صاحب سان مخصوص جا پيهاڙ ڪرايا ويا پر
سندس جماعت کي جيڏي طرح ٿي ڏني

ظلم ۽ لٽ ڦر کان ڪري (وارثو) ويو ٿو ۽ مثال سنت الله ر
ڪو اڏو ٿو لڳي.

اِن وقت درگاهه شريف جي سجاده نشين
حضرت پير حاجي احمد زمان قدس سره، جن ڄاڻ
رهائي اختيار ڪئي ۽ درگاهه شريف جي متعلقين
جو انهن مڪان ڇڏي ويو. سجاده نشين صاحب جو ڀي
۽ ٻين عزيزن ۽ قريبي رشتيدارن کي درگاهه جي
ملڪيت خواهه گادي تي قبضي ڪرڻ جي
ڏيندا آزاري کي اسوري ڪرڻ جو سو نوري
موقعي نظر اچڻ لڳو. پير حسن بخش، مير غلام علي
تالپور سان هم رڪاب ٿي ڪڙڪي رهيو سجاده
نشين صاحب خواهه سندن معتقدن کي انتظام
ڪرڻ جو پورو ڪم آهي ۽ ڪئين اشتهارن تي
اڪائونٽ ڏاڍون سو هڪ لنڊو داستان آهي جو
هتي سندن مناسب موقعي تي ظاهر ڪيو ويندو
ايراج به سندن ڪلي دشمني جي ثبوت جو
سرڪاري رڪارڊ شاهد آهي.

تمام پاڪستان بعد هڪ طرف ٻئي
شريف جي پيرن جماعت آئيني طور پنهنجي جائز
حقوق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪورٽن جا دروازا
کڙڪايا ته ٻئي طرف عوام خواهه حڪومت کي
پنهنجي نظر کان آگاهه ڪري انصاف طلب ڪيو.

جو مطالبو ڪيو. ساڳي وقت پير صاحب پاڳاري
جي جماعت پڻ گادي بحال ڪرائڻ لاءِ جدوجهد
ڪئي. نتيجي ۾ حڪومت پير صاحب جي جماعت
کي آزاد ڪري گادي قائم ڪئي. باقي محض
ذاتي عداوت سبب اوري شريف جي اهتمام
مظهر تي اڄان بندش هلي اچي ڇاڪاڻ ته پير
غلام علي لاهر ۽ پير محمد حفيظ جهڙن درگاهه
شريف جي دارا دشمن جي حڪومت جي
مشيري ۾ ڀاڳي دسترس آهي.

ڏهه سال اوري شريف جي جماعت
تي مرڪزي حڪومت ڪراچي جي هدايتن
مطابق :-

" .... ڏاري تي آيل الهڙي هوا
لهڙ شهادت سان اهو صاف ظاهر آهي ته
درگاهه جي معتقدن ۽ پيرن عائد ڪئل بندش
هندوستان جي ١٩٣٨ واري سياسي ڪشمڪش
جي بنياد تي ٿيل آهي .... ۽ جماعت جي
طرفان ۽ مرڪزي حڪومت حيدرآباد کي
١٤٢ قلم هٽائڻ لاءِ احتجاج ڪرڻ واسطي شمس
صاحبن تي مشتمل وفد مليو. جناب محمد فضل
احمد صاحب ليڊر تي بوٽ عباس ڪراچي ۽
پير خدا بخش خان لاهر جاگيردار ۽ پير محمد اعظم

آنبو جان محمد ۽ ميمبر لوڪل بورڊ مير پور خاص (٣) جناب قاضي اشرف صاحب زميندار ٽنڊو جان محمد (٤) جناب مير بخش خان هاشماڻي صاحب زميندار ۽ ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد (٥) جناب مير غلام محمد خان ٻاگراڻي شهدادپور (٦) جناب طبيب صاحب سيڪريٽري انجمن جماعت اسلاميه

ڪراچيءَ ۽ ان کان سواءِ مغربي پاڪستان جي ڪنهن ڪنڊ مان بندش هٽائڻ واسطي تارون ڪيون ويون. ڊپٽي ڪمشنر صاحب حيدرآباد جماعت جي آواز کان متاثر ٿي هن سال عائد ڪيل بندش کي نرمي ڏيکاري جڏهن اها خبر مير غلام علي ٽالپر ۽ سندس حوارين يعني پير حسن بخش ۽ پير محمد محفوظ کي پهتي تن انهن جي هٿ جي پاليل مولوي احمد ملاح کي اشارو ڪري وري هڪ دفعو مخالفت جو طوفان ڪرڻ وارو ڪرايو. مولوي ملاح پنهنجي فطرت کان مجبور ٿي هڪ دفعو وري مسلمانن ۾ فرقه پرستيءَ جي باهه ڀڙڪائڻ ۽ پنهنجي بيت پرڻ لاءِ چندي گڏ ڪرڻ جي غلط خيال کان شر انگيز ۽ غلط پروپيگنڊا ورڻي شد ۽ مد سان ڪرڻ شروع ڪيو جا اڃان چالو آهي. ان سان گڏ سرائي راڄ آلا پنهنجي سان گڏ گڏ نهايت ئي

ھتڪ آميز ڳالھيون ٻڌيون ويون ھيون ۽ ان
کان وڌيڪ اھو ٻڌڻ معلوم ٿيو آھي تہ پاڪستان
جي طول الارض ۾ ھٿن ۽ فساد ڪري ڪرڻ لاءِ
درگاہ شريف جي خلاف ھڪ نئين ۽ شر انگيز
اسڪيم تيار ڪئي وئي آھي ڇاڪاڻ تہ جماعت
لواري شريف خلاف مصنوعي حج ڪرائڻ وارو
الزام صريحاً بي بنياد ۽ بي حقيقت ثابت ٿيو
آھي جيئن مٿي ڄاڻايل سجاده نشين صاحب خواہ
مسندس معتقدن جي بيانات يا ڪورٽ ۾ ٿيل
فيصلي ۾ صاف صاف ظاھر ٿئي ٿو.

ھن سال لواري شريف جي جماعت کان لڪائي
ونڪا ايوب حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر صاحب
خواہ حيدرآباد پوليس طرفان "مصنوعي حج"!!
"مصنوعي حج!!" جي چيخ و پڪار ڪرڻ وارن
کي جڏھن آڳ ڪئي وئي تہ سرزمين تي اچي
ڏورپورو جاچين ۽ پرکين تہ آيا اتي ڪانہ حج جي
رسم ادا ڪئي ويئي ٿي يا نہ چو تہ وقت بوقت
نہ رڳو جماعت جي فردن طرفان ان جي ترديد
ڪئي ويئي ٿي پر خود ڪورٽ جي فيصلي ۾ پڻ
ھيٺيان لفظ موجود آھن تہ "درگاہ شريف تي
حج مڪہ معظم جو نقل اتاريو ٿو وڃي بلڪ ٿيار

۽ قرآن خواني ڪئي وڃي ٿي ......“ مخالفين
درگاهه شريف تي هلي ڏسڻ ڪان صاف انڪاري
واري پيرن هيٺ ڏٺو وري سندن اصليت
بي نقاب ٿي ۽ راز فاش ٿيڻ جي انديشي ڪان
له هو هود آيا ۽ ڏوري ڪنهن حقيقت پسند
آفيسر کي ٿي سچائي پرکڻ جو موقعو ملي سگهيو
انا ۽ مير غلام علي ٽالپر طرفان دٻاءُ رکائي لواري
شريف هواه بدلين ۾ ١٤٤ قلم هيٺ پابندي
لڳارائي وئي ۽ مخالفن طرفان چند ڪرائيءَ ۽
ما ليءَ جي مريدن ، ابوجهه مردودن ۽ ممرن جي
هارين لواري شريف ڪان سڄا سارا ۽ ميل دور
شرانگيز تقريرون ڪري ڏراهٽي هوب ١٤٤ قلم
جي متي ٻليد پٽي ڪئي ۽ حيرت جو مقام آهي
ته اهو سڀ ڪجهه ڊپوٽي ڪمشنر ۽ قانون جي
محافظ پوليس جي اکيان ٿي رهيو هو جن ته جي
فرض ادائيءَ ڪان ڪوتاهي ڪري متعفن
مير غلام علي ٽالپر هواه ٻير حسن نفس ۽ ڪمپنيءَ
جي ڪنداريءَ جو پارٽ ادا پي ڪيو ۽ ٻي
طرف ”نواءِ سنڌ“ ڪراچي متين لوليءَ سان
جانهن پيلي ٿي ۽ سر مسر ملائي من گهڙت ڳالهيون
لکي ، پراڻي علاوة جو مظاهرو ڪندي مخالفت

جي ٻاهه ڪي خوب ڀڙڪايو. ساڳي وقت "ڏيپلائي صاحب" به انهيءَ پراڻي پيشيءَ عادت کان مجبور ٿي لکندو رهي ٿو. "ڪاروان" حيدرآباد به حق نمڪ ادا ڪندي رکي رکي اهو جهڙو عوام جي مذهبي جذبات سان کيڏندو رهندو آهي.

حقيقت ۾ هن مخالفت جي موجوده طوفان. عظيم کي جهڪڻ ۾ ٻار ڪ بيني سان جاچيو ۽ ڏٺو ته اندر ئي اندر ذاتي عداوت ڪيني ۽ بغض جو آتش فشان ٻهاڙ پنهان نذر ايندو، هئي اڳيئي جاڳايو ويو آهي ته مخالفين جو اصل مقصد آهي گادي خواهه ملڪيت تي قبضو ڪرڻ ان ڪري پراڻي ناڪام چال کان ڪم ورتي پير حسن بخش جيڪو ان مهم جو سالار اعليٰ آهي سو پير لواري شريف جي ذاتي ملڪيت کي غصب ڪرڻ جون ناپاڪ ڪوششون جاري رکيو اچي. مير غلام علي سينڌس حمايت ۾ مولوي احمد ملاح نو ٻين اهڙن ضمير فروش ملن هٿان پنهنجن ذاتي مفاد سياسي مقاصد حاصل ڪرڻ لاءِ سر توڙ ڪوشش ڪري، امن ۾ خلل وجهي، خواهه مخواه ضد تي قائم رهي، عام انسان جي جذبات

ساڻن ڪيڏي محض پير حسن بخش کي ورسائڻ چاهي
ٿو. ان ڪري ڀاڙيتو مولوين ۽ نفس جي غلام
ملن ذريعي جلسا ڪرائي مطالبه ڪرايا ويندا ته
درگاه شريف جي ملڪيت تي قبضو ڪيو وڃي
ڇو ته موجوده سجاده نشين اها ملڪيت غير شرعي
ڪمن ۾ خرچ ڪري رهيو آهي! حالانڪ ٻار ٻار
ڏاري شريف جي سجاده نشين خواه سندن معتقد
اعلان ڪندا آيا آهن ته "هت نه غير شرعي ڪم
ٿيو آهي نه ڪڏهن ٿيندو" پوءِ نه معلوم درگاه
شريف جي مخالفن کي ڪهڙي غير شرعي ڪم
تي پيسو خرچ ٿيندو نظر آيو! ڇا ٿيندڙ اجتماع
تي عائد ٿيل بندش لهرائڻ لاءِ ڪوشش وٽڻ ۽
عوام کي اصل ۽ صحيح حقيقت کان واقف ڪرڻ
غير شرعي آهي؟؟ جنهن نموني ساڻن درگاه خلاف
دروغ بياني کان ڪم ورتي عوام کي اجايو غلط
ٿرو ڦهلائيندا دوا، ان گمراه ڪيو ويو آهي سو
نهايت ئي خطرناڪ آهي پوءِ ڪهڙو ذي فهم و
ذي هوش انسان انهن کي ڏنل الزامن کان پاڪ
۽ صاف رکڻ جي ڪوشش نه ڪندو؟؟
هن سال وري درگاه جي ملڪيت جو ذڪر
ڇيڙيو رهيو آهي، پر شيد ئي نه رهي ته ان ملڪيت
جو مالڪ خود سجاده نشين حضرت پير گل حسن

صاحب آهي - ڪنهن ٻئي کي ان ۾ دست اندازي
ڪرڻ جي مجال نه آهي. ان ڪري ان قسم جي
بيسود مسئلن کي ڇيڙڻ يا پيدا ڪرڻ مير غلام علي
مير حسن بخش ۽ مير محمد محفوظ جن جي هڪ سياسي
چال بازي آهي - جنهن موجب هو پنهنجي ديرينا
دلي خواهش کي پورو ڪرڻ چاهين ٿا انڪري
هٿرادو شوشا ڇوڙي بيان بازيءَ کان ڪم وٺي
جلسا ڪرائي ان قسم جا مطالبا ڪرايا وڃن ٿا جن
جي درحقيقت ڪا به وقعت ڪا نه آهي پر مخالفين
فقط عوام جي مذهبي جذبات ڀڙڪائي ڪين درگاه
شريف کان بدگمان ڪري پنهنجا ڏالي. غرض
پورا ڪرڻ چاهين ٿا ورنه ٻيو ڪجهه به نه آهي.

ايتري لکڻ کان پوءِ گورنمينٽ جو ڌيان ٿو
ڇڪائجي ته جنهن صورت ۾ مير غلام علي ٽالپر ۽
سندس ٽولي ناجائز طريقا استعمال ڪري جماعت
لواري شريف ۽ درگاه جي سجاده نشين صاحب
کي خواه مخواه تڪليف ڏيڻ آڻي ۽ ڪين جائز
عبادت (نماز خواه قرآن خوانيءَ) کان روڪي
فرقي پرستي ۽ غير قانوني قدم کڻي ملڪ
جي سالميت ۽ امن کي ڌڪ هڻي رهيا آهن، جاڪاڻ
ته هي مسئلو ڪو معمولي مسئلو نه آهي ۽ ڪنهن به
وقت اهو ڇڪتاڻ هڪ خطرناڪ صورت اختيار

ڪري سگهي ٿي ان صورت ۾ ڇو نه ٿو اتن کو ٿالوٽي قدم کڻيون وڃي؟ ۽ جڏهن اهو ظاهر ٿي چڪو آهي ته درگاه شريف تي ڪو به غير شرعي ڪم نه ٿو ٿئي تڏهن ڇو نام نهاد بندش سال بسال لڳائي وڃي ٿي؟! اميد آهي ته حڪومت هن طرف بهرو بهرو ڌيان ڏيندي ۽ درگاه شريف جي لکها معتقدن جو اعتماد برقرار رکندي-

آخر ۾ عام مسلمانن، علماء ڪرام، حضرات، سجاده نشين، هر طبقي، ممتاز صحافين، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن، هارين مزدور ساٿين کي عرض اپيل آهي ته هن ذاتي ۽ سياسي مسئلي کان پرهيز ڪن ۽ صحيح صحيح حقيقتون ڄاڻي الله وارو لڳائي هن سڀ جي آواز تي ڪن ڏئي، حق جي طرفداري ڪن-

پير هن پنهور ۾ دوزخ جو دولهو
سوارو سونهون پڇي ڪاهيو ڪيم ڏي
(خواجه محمد زمان
ا ن اولياءَ)

نوٽ:- ڪن ڪتابن اندر صفحي ۱۳-۱۴ تي درگاه جي وقف ٿيل ملڪيت لکيو ويو آهي- اهو غلط سمجهيو وڃي ۽ جيڪا درستي ٿيل آهي اها ڪري صحي سمجهيو وڃي-

شوڪت

fo Sain Bux Qaboolat
PRESIDENT
zrat Sultan-ul-Aulia